# ٻوليُون لوليُون ٻارن جُون



بيخود بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد- سنڌ

ٻاراڻي ادب جي سلسلي جو ٽيون ڪتاب

# ٻوليون لوليون ٻارن جون

مصنف

بيخود بلوچ

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد- سنڌ

1995ع

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار اداري جا حق ۽ واسطا قائم

ڇهربون ڇاپو: 1995ع
تعداد: ٻه هزار
قيمت: 10 رپيا

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
نزد، سنڌ صوبائي ميوزيم
نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ

۽

مرڪزي ڪتاب گهر نمبر 16 نسيم شاپنگ سينٽر
نسيم نگر- قاسم آباد
حيدرآباد سنڌ
پاڪستان

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري ايجوڪيشنل پريس مان ڇپرائي اداري مان پڌرو ڪيو.

# انتساب

پنهنجي سؤٽ جُمن جي نالي جنهن
کي ننڍڙي عُمر ۾ ئي مزدوري ۽
مُحنت ڪرڻي پيئي .

# ٻه اکر

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته سنڌي زبان ۾ ٻاراڻي ادب جي تمام گهٽي کوٽ آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پنهنجو فرض سمجهندي، ٻاراڻي ادب طرف خاص توجه ڏنو آهي. سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن کي گذارش ڪئي وئي آهي، ته هُو هن سلسلي ۾ اداري سان سهڪار ڪن. سندن سهڻي موٽ سان ئي ٻاراڻو ادب شاهوڪار بڻجي سگهي ٿو.

خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته اسان جي نماڻي گذارش تي ڪن دوستن پنهنجا مسودا موڪلي ڏنا آهن. انهن مان هڪ دوست محترم بيخود بلوچ صاحب آهي. سندس شاعريءَ جي هن مجموعي ۾ ٻارڙن جي دلچسپيءَ وارا موضوع شامل آهن. سندس ٻوليءَ نهايت سولي ۽ سهڻي آهي. سندس نظم اخلاق ۽ نصيحت وارا آهن. اميد ته سندس ڪلام ننڍن توڙي وڏن کي پسند ايندو.

**ڊاڪٽر نواز علي شوق**
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد سنڌ
2 فبروري 1995ع

# مهاڳ

"پٽ ايريي (بنياد) تي ويندي آهي" هن سادي ۽ سڌي چوڻيءَ ۾ وڏو مقصد سمايل آهي، جنهن پٽ جو بنياد ئي ناقص ۽ اڻ پورو هوندو ته اُن پٽ جي عُمر ڪيتري هوندي؟ ٻار قومن جو بنياد هوندا آهن، قوم جو مستقبل انهن ڏانهن واجهائيندو آهي. جنهن قوم جا ٻارَ سُجاڳ ۽ تعليم جي رنگ ۾ رڱيل هوندا آهن اُها تمام گهڻ ڏک ڏسندي آهي، شال اسانجي قوم جا ٻارَ به تعليمي جذبي سان اڳتي وڌندا رهن!

ٻارن لاءِ آءٌ ننڍ ڪان ئي لکندو رهيو آهيان، منهنجا نظم ۽ گيت مختلف ٻاراڻن رسالن ۽ اخبارن جي ٻاراڻن صفحن ۾ ڇپيا رهيا آهن. ٻار حقيقت آهن، جنهن ڪان ڪوبہ اديب، شاعر نٽو نٽائي سگهي ڇو تہ هر اديب شاعر، فلاسافر، سائنسدان ۽ بادشاه وغيره پهريائين ٻار هو. جيئن هر وڏو وڻ پهريائين ٻوٽو هوندو آهي. ٻارَ

جيءَ جيارا آهن، پيارا آهن ۽ ڌرتيءَ جا چمڪندڙ ستارا آهن. مون پنهنجي هر گيت ۽ نظم ۾ ڪوشش ڪري سولي ٻولي استعمال ڪئي آهي، جيئن ٻار اُن کي صحيح سمجهي ۽ پڙهي سگهي. ڪوشش ڪري هر گيت ۽ نظم ۾ ڪو پيغام ڪو ڏگ ڏنو آهي. اميد ته منهنجو هيءُ پيار جو پورهيو پڙهندڙن کي پسند ايندو.

بيخود بلوچ
پنوعاقل
8 ڊسمبر 1993ع

# منهنجا پيارا مٺڙا مولا

منهنجا پيارا مٺڙا مولا!
گيت ڳايُون تنهنجا مولا!

هيرَ، نديون، طوفان بہ تنهنجا،
صحرا، جهنگ، ميدان بہ تنهنجا،
وستيون، ماڳ، مڪان بہ تنهنجا،
مالڪ خوشبو، گل جا، مولا.

اُڀ ۾ چنڊ ستارا تنهنجا،
ڪڪرن جا وسڪارا تنهنجا،
جڳ جا رنگَ نيارا تنهنجا،
ماڻهنُ، پکين سڀ جا، مولا.

تو آهي سنسار بڻايو،
هرشيءِ تنهنجو شان ڳايو،
تنهنجي قدرت هي سمجهايو،
ڪيسين منظر ڳڻبا، مولا!

# ايڪي جو اقرار

انوُ، شمون، رمُون ڪالوُ!
ٻالهه ٻڌو او منهنجي لالو!

اچو ته هت ۾ هت ملايون،
هت ملايون پاڪر پايون.

گڏجي پاڻ کي رهڻو آهي،
گڏجي لکڻو پڙهڻو آهي.

هڪ ٻئي جا سڀ آهيون، ساٿي،
ويڇا تا اڄ ڊاهيون، ساٿي!

اڄ کان هي اقرار پڪو آ،
پاڻ سين جو پيار پڪو آ.

# شاهہ لطيف

شاهہ سان پارو رکبو چاهہ،
شاهہ تہ پنهنجو آهي ساهہُ.

هن جي واٽ اسان جي واٽَ،
بيت انهيءَ جا چڻ ڪا لاٽَ.

هن جي سِٽَ سِٽَ ۾ سُرهاڻ،
هن جون وايُون چڻ چانڊاڻ.

هونءَ ته عالمَ جو آواز،
سنڌڙيءَ وارن جو پر ناز.

پڙهجي يارو! گهوٽ لطيف،
پنهنجو پيارو گهوٽ لطيف.

# هاري

صبح سويري اُٿندو آهين!
روز ٻنيءَ کي جوڙين ٿا هين.

ڏينهن تتي ۾ پتر پچين ٿو،
ٿڌ ۾ پاڻيءَ تي ٻه وڃين ٿو.

ڪڏهن ته ٻيٽو هَرُ هلائين،
ڪڏهن ته "هو هو" پيو ورجائين.

لاباري جي موسم آئي،
اس نه تنهنجي مَتِ مُنجهائي.

تنهنجي محنت ڪير وساري؟
ڪير ائين ٿو پگهر پگهاري؟

# صبح

صبح ٿيو آ ٻارو اُٿو سڀ اُٿو!
اُٿيو جڳ آ سارو اُٿو سڀ اُٿو!

پيون ڏس تہ آهين هُو جهرڪيون اُٿي،
هي چُون چُون جي ٻولي سين آ ٻُڌي،
هوا آهي ٿڌڙي وڻي ٿي سُني،
ڏسو ڪو نظارو، اُٿو سڀ اُٿو...

هُو هاري ٻنين ڏانهن پيا ٿا وڃن،
هُو مزدور ڪم جي تياري ٿا ڪن،
ڪلارڪ، هُو اُستاد ڀي ٿا وڃن،
ڪيو ڪنهن ڪنارو؟ اُٿو سڀ اُٿو...

اوهان ڪي بہ اسڪول وڃڻو تہ آ،
وڃي پوءِ لکڻو ۽ پڙهڻو تہ آ،
وري گهر ۾ واپس بہ ورڻو تہ آ،
اُٿو پيارا ٻارو، اُٿو سڀ اُٿو...

# مڇ مڇايون

چنڊ جيان چانڊاڻ ڪريون ھت،
وڪ وڪ تي سُرھاڻ ڪريون ھت.

ديس سڄو سينگاري ڇڏجي،
ڪوڙ، حسد کي ماري ڇڏجي.

علم پرائڻ عادت، بڻجي،
ان عادت سان عظمت بڻجي.

اچو ته اھڙي لاٽ جلايُون،
روشن ھر ڪا واٽ بڻايون.

اھڙو پيارو مَچُ مچايُون،
ھر چھري ۾ رنگ رچايُون.

# وڌ اڳي!

ساٿ تون سِڄ سانِ نبيائي وڌ اڳي!
علم سان تون دلِ لڳائي وڌ اڳي.

ڏس تہ دُنيا ڪٿ وڃي پهتي، مٺا!
هر نئين ايجاد ڏي سڌ تي، مٺا!
تو چوان تو کي آهين سنگتي، مٺا!
آسَ اڳتي جي سمائي، وڌ اڳي.

جي سچي ڌل آ تہ منزل ڪٿ پري؟
وڃ تون منزل ڏي ڪشالو پي ڪري،
گهور "بيخود" توتان تو تي ئي نري،
حوصلو، همت وڌائي، وڌ اڳي.

قوم جو سرواڻ آهين پار تون،
ڪٽندين ان جا اڻ ڳڻيا سپ بارَ تون،
ان ڪري او ذل سندا دلدارَ تون،
جوت جذبن جي جلائي وڌ اڳي...

# بالُ

يارا بدر ڏس منهنجو بالُ،
رنگ رنگيلو ڳاڙهو لالُ.

ڪالهہ وٺُم بازار منجهان،
شوق منجهان ۽ پيار منجهان.

راند رچايون ڪا تہ گهڙي،
دل وندرايون ڪا تہ گهڙي.

بال جهلڻ ۾ ورزش آ،
ڊڪڻ ڀڄڻ ۾ ورزش آ.

وقت تي راند بہ آهہ ڀلي،
”بيخود“ جي آ ڳالهہ سچي.

# چنڊ ئي چنڊ

هن ڌرتيءَ تي چمڪيا پارَ،
چنڊ ئي چنڊَ تا سمجهون يارَ!

ٻولَ هنن جا پاتا ٻُڌو،
ويسَ هنن جي پاتا ڏسو،
هرهڪ گهر جا هي سينگار.

کانُو چئي تو مان يي چنڊُ،
جانُو چئي تو مان يي چنڊُ،
ڌرتيءَ ڏنو يي پُٽڪيو ڏار.

پڙهندا وڏڙا تيندا نيٺ،
سُک پيءُ ماءُ کي ڏيندا نيٺ،
هي آ ”بيخود“ جو ويچار.

# مولُو

ڳوٺ اســـــــان جي جو آ مـــــــولُو،
مـــــــــــولُو آهــــــي ڏاڍو رولُو.

كــين وجي اســـكـــول بـــ پـــارو،
رُلــنـــدو آهــي ڏيــنــهــن هــي ســـارو.

كــوئــي هــن كــي كــين ٿـــو چاهــي،
هـــركـــو هـــن كـــان پـــاســـي آهـــي.

جيـــــكــــو رولُو ٿـــيـــنـــدو آهـــي،
نـــنـــدين وڏن كـــي وڻـــنـــدو نـــاهـــي.

# سردي

سليم كالهہ سُئيٽر سڪر مان گھُرايو.
گھٽي آهي سردي سيارو آ آيو.

سياري ۾ ٻارو هي چاتي ٻہ ڏڪجي،
گرم ڪوئي ڪپڙو ڪنن کي ٻہ ٻَڌجي،
پنهنجو پاڻ سردي جي سٽ کان بچايو.

پنن تي ڏين تي ٻہ پارو جمي پيو،
ڏکن پيا تا پوڙها، آهي سِيءُ وڏي پيو،
ڪو هيٽر تہ ٻاريو يا مچ کي مچايو.

سياري ۾ اسڪول ڏي ٻي وجو تا،
پڙهو تا تڏهن ٻي توڙي ڏکو تا،
اوهانکي آ سردي اجا ڪٿ جُهڪايو؟

# غور سان ڳالهيون ٻڌندو هَلُ

ٻالڪ! اڳتي وڌندو هَلُ.
تيزيءَ سان وک کڻندو هَلُ.

اڳتي وڌندين جي تون يار!
ماڻُ بہ لهندين منتڙا ٻار!
غور سان ڳالهيون ٻڌندو هَلُ.

تنهنجو جذبو آ طوفان،
تنهنجو آهي اُوچو شانُ،
ڪنوٽين وانگر ڪلندو هَلُ.

"بيخود" هي جي گيت لکيو،
سِڪَ پريو ۽ پيار پريو،
گيت وفا جو چوندو، هَلُ.

# بابا آندو ڪالهه ڪتاب

سانوڻ، خانُو، او ارباب!
بابا آندو ڪالهه ڪتاب.

هن ۾ منڙا منڙا، گيتَ،
مونکي آهِن وڻندا، گيت،
هاڻ ڏسني ويا نَبُو، نواب.

سبقَ انهيءَ جا سَوَلا، سَيِ،
خوشيءَ خوشيءَ سان پڙهبا، سَيِ،
سيکاريندو سيِ آداب.

هاڻي آءٌ بہ پڙهندس يار!
گڏ اسڪول ۾ هلندس يار!
پڙهندي ٿينداسين ڪامياب.

# ماءُ جي نصيحت

دل لڳائي پڙهه ٻچا!
سونهن ۾ سهڻا سَچا.

آءُ کي آهن ڏنا،
خوابَ ۽ منهنجا مِتا!
ڏينهن هڪڙي ڪر سَچا.

رول سنگتي کين ڏار،
جي ڪرائن تا خوار،
رولَ ماٺهوءَ لئه ڏچا.

پاس ٿي ۽ نوجوان،
ها، اچئي تو امتحان،
ڏينهن باقي ٿيا بچيا.

# ماءُ

ماءُ منهنجي پياري منڙي ماءُ،
ڪين لڳئي شل ڪوسو واءُ.

راتيون جاڳي ننڊ ڏنئه،
ڦُرب ڪروڙين مونتي ڪيئه.

پل پل ڏيندي آهين پيار،
پل پل مرلهين تي سارسنيار.

توبن جيون آهي ڇا،
تنهنجي ڪريان خدمت ڪا.

تنهنجي عظمت زور امان.
تنهنجي ڇا ساراهه ڪيان.

# رُٺل يار جي ڳالهه

اختر کان ويو يار رُسي،
دلڙيءَ جو دلدار رُسي.

نندپڻ کان هي گڏ رهيا،
سڏ ۾ ڏيندا سڏ رهيا.

توري ڳالهه تي اٽڪي پيا،
جهٽ پٽ وچڙي ڌار ٿيا.

اختر منٿون ڪوڙ ڪيون،
پر نہ سمورين ساب پيون.

موسو اختر سان نہ ٿيو،
اختر ڏاڍي ڏک ۾ رهيو.

سنگتي تي پوءِ سا ڌُڄي،
دوست کان مور نہ ڌار ٿِجي.

# محنت

ڏرتيءَ ڪان اُپ تائين ماٺهو،
ڇا ٿو سمجهين سائين ماٺهو.

ڏسو! فضا ۾ لوهه اُڏامي،
سوچ جو ڏيئو ڪين اُجهامي.

پان پان پان موٽر گاڏيون،
ڪن ٿيون زون زون زرزر گاڏيون.

چنڊ چون ٿا گهُمي اچن ٿا،
وڏي بُلندي ڇُهي اچن ٿا.

انتر منتر جادو ناهي،
محنت آهي محنت آهي.

# علم

علم بنان سڀ ڏوڙ ۾ ڇائي
جائي پائي جائي پائي.

علم ڪري ٿو روشن چارا،
اهڙي لاٽ ڪٿي ٻي پيارا،
علم ڏيکاري سچ، سچائي..
جائي پائي جائي پائي.

علم سان نينهن نيائي جيڪو،
پنهنجو مانُ وڌائي جيڪو،
سونهين ٿي پئي ڳالهه اِهائي.
جائي پائي جائي پائي.

علم برابر ٿين اڪ آهي،
علم سوا هتِ ڪجهه يي ناهي،
ڳالهه انهيءَ تي آ سرهائي.
جائي پائي جائي پائي.

# پنهنجي ٻولي

پنهنجي ٻولي پياري پياري،
سهڻن سولن لفظن واري.

جُملو جملو هن جو مهڪيل،
اکر اکر ۾ ماکي اوتيل،
مٺڙي مٺڙي ساجن ساري.

ٻولي سان ئي پيار رکون ٿا،
ٻولي پنهنجي ساندييون وتون ٿا،
ٻولي سان آ پريت نياري.

پنهنجي ٻولي ٻوليون ٻارو!
منهنجي دلڙيءَ جا دلدارو،
ڪهڙي ڪم جي ٻولي ڌارِي؟

# نظم

سُنْيون ڳالهيون ٻُڌڻ گهُرجن،
بُريون ڳالهيون ڇڏڻ گهرجن.

ٻُرا سنگتي نه ڪم ايندا،
سُٺا سنگتي ڪرڻ گهُرجن.

ضروري سير پڻ آهي،
سُٺيون جايُون ڏسڻ گهُرجن.

سبق کي ياد رکجي ءِ،
اکر سُهڻا لکڻ گهُرجن.

ڇيا سڀ ماءُ ءِ پيءُ جا،
کلي خوشي ٿي مڃڻ گهرجن.

ڳُلا بي گيت "بيخود" جا،
چڱا آهن پڙهڻ گهُرجن.

# صفائي

صفائي ۾ صحت آهي،
صفائي کي چڱيو چاهي.

صفائي اڌُ ايمان آ،
صفائي ۾ وڏو شان آ.

نہ گدلا تي گذاريو سيپ،
صفائيءَ ۾ ئي گهاريو سيپ.

هي ڏند يي صاف پيا رکجن،
وڏا جي نَنهن تين ڪَٽجن.

لتا ڌوتل سدا پايو،
ڪِلو، ماحول مهڪايو.

# ٽي وي

منهنجي گهر ۾ آهي ٽي وي،
اڃي ڪاري ناهي ٽي وي.

ٽي وي آ رنگين اسان جي،
ڪوليون ٽا سا صبح، سانجهي.

ڊراما مونکي وڻندا آهن،
پل ڪن دل تان مونجهه ٽا لاهِن.

گانا پي ٽي هيءَ ٻُڌائي،
گيت، غزل سان دل وندرائي.

جنهن ٽي وي ايجاد ڪئي آ،
تنهن هي دُنيا شاد ڪئي آ.

# أستاد

علم پڙهائي ٿو أستاد،
سمجهہ وڌائي ٿو أستاد.

جڏهن پڙهون ٿا ڏي ٿو پيار،
جي ٿا گُسايون ڏي ٿو مار،
نينهن نيائي ٿو أستاد.

سبق سُنا سمجهائي ٿو،
ڏکيا لفظَ ٻڌائي ٿو،
بيت پڙهائي ٿو أستاد.

عظمت وارا ماءُ ۽ پيءُ،
سچ پچ پارس آهي هيءُ،
سونُ بنائي ٿو اوستاد.

# ڪمپيوٽر

ڪاليجن ۾ ڪمپيوٽر،
اخبارن ۾ ڪمپيوٽر.

آفيسن ۾ ڪمپيوٽر،
۽ بينڪن ۾ ڪمپيوٽر.

ڪمپيوٽر جو آهي شور،
چو ته اچي ويو تڪڙو دور.

ڪيئي ٿو هي ڪَمَ ڪري،
ماڻهن وانگر ڏيان ڌري.

ڪمپيوٽر جو آهي ڪمال،
هي به ترقي جو آ مثال.

# سچل سرمست

سچو آهي سچل پارو!
هُيو حق تي اٽل پارو.

سچل آهي سچو شاعر،
اِها پڻ ڳالهه آ ظاهر.

چوي ٿو "ٿج گُلابي گُل" ،
سچوءَ جي ڳالهه جو آ هُل.

درازا ۾ هُو ڄايو هو،
ٿي سڀ جو ۾ دوست آيو هو.

درازا خيرپور ۾ آ،
جتي ٿس مقبرو منڙا.

# بهار

بهار آئي،
ٿي سَرهائي.

ٿڙيا گُلڙا،
مڙيا ڀؤنرا.

پکي ٻولن،
چهنب کولِن.

ٿي آساوَڪ،
ڀلي بيشڪ.

لُڏون پينگهُون.
اچو! مُرڪون.

# سائيڪل

غريباڻي سواري سائيڪل آهي،
مزي واري پياري سائيڪل آهي.

نہ کي پيٽرول تي چاهي برابر هي،
بنا پيٽرول جي هلندي آ بهتر، هِي،
غريبن لئہ نياري سائيڪل آهي.

وڃن اسڪول تا کي ٻارَ ڀي هن تي،
کڻن تا کي وري ڪجهہ بارَ ڀي هن تي،
سٺي، سهڻي، سگهاريِ سائيڪل آهي.

بچائي پنڌ کان ٿي دوستو بيشڪ،
ڪرايا نہ تہ ڀري مسڪين تي ها ڪَڪ،
وٺي هرڪنهن ٻيهاري سائيڪل آهي.

# بجلي

گرمي ۾ ٿا پکو هلايُون،
سردي ۾ ٿا هيٽر گهُرايون.

اونداهين راتين ۾ يارو!
روشن گهر کي ڪريون ٿا ٻارو.

اونداهيءَ ۾ بلب ٻرن ٿا،
بلب تي ٻالڪ لکن پڙهن ٿا.

هيءَ ڪمَ بجلي سان ٿين ٿا،
بجليءَ سان ڏس رنگ رچن ٿا.

جنهن وٽ کو احتياط بہ ناهي،
اُن لئہ هِيءَ نقصان بہ آهي.

# پوپٽ

پوپٽ تنهنجا پَرَ پيي پيارا.
اوري اچ تون او دل وارا!...

دلڪش تنهنجا نخرا آهن،
تنهنجا هوا ۾ رستا آهن،
روز گُلن تي ڏين لامارا.

چٽ چِٽيا تي ڪنهن او پوپٽ!
رنگَ ڏنا تي ڪنهن او پوپٽ!
مونکي راز بُڌائج سارا.

مونکي ڏاڍو پيارو آهين،
سهڻو بيشڪ سارو آهين،
توکان ڪريان ڪيئن ڪنارا؟

# عيد

قاسم، قيصر يار فريد!
آئي آئي پياري عيد.

خانُوءَ پاتو خاڪي ويس،
نورل پاتو ناسني ويس،
پاتو سائو ويس رشيد.

رانديڪن جا ڍير ڏسو،
ڪارون، ريلون، گڏيون پَسو،
عينڪ، لاٽون ڪيو خريد.

رنج رُسامون ناهي نيڪ،
چاهت پارو آهي نيڪ،
دل سان ڪُريو سڀ ڏي ديد.

# ٽيليفون

ڪيـــــڏو پـــي ڪـــو ڏُور رهـــي،
نيـــاپـي لـئـــہ مـــجبـــور رهـــي.

اهـــڙي وقـــت ۾ پـــيـــــارا ٻـــار،
گـــهـــــٻـــرائـڻ جي نـــاهـــي ڪـــار.

بـــس هُو ٽـــيـــلـــيـــفـــون ڪـــري،
ڳالـــهـــــــہ اُتـــي تـــي پُڄي وڃي.

ٽـــيـــلـــيـــفـــون آ سُٺـــي ايـــجاد،
اِن ســـــان وقـــت نـــہ ٿـــئـــي بـــربـــاد.

هـــر شـــيءِ ۾ آ ڪـــو ڪـــم ڪـــار،
چيـــز نـــہ ڪـــابـــہ ٿـــئـي بـيـــڪـــار.

## اخلاق

جنهن وٽ آ اخلاق پيارا،
اُن کي چاهڻ وارا سارا.

اخلاق هڪڙي طاقت پيانيو!
جنهن کي چاهيو هن سان جُهڪايو.

هن جهڙي ڪا دولت ناهي.
سچ ته هي ڪا دولت آهي.

سُهڻو رکو اخلاق سدائين.
ماڻ پيا لهندؤ مرندي تائين.

## وڻ

ڏينهن تتو ۽ گرمي زور،
هر پاسي چپ، گوڙ نه شور.

خالد وڻ جي ڇانوَ ڏٺي،
وينو وڻ جي هيٺ اچي.

ڇانوَ ملي ٿو هانءُ ٺري،
سوچيائين ائين ڪير ڪري؟

سوچي هن پي عزم ڪيو،
وڻ جيان ٻين لئه پاڻ ٿيو.

# جيئو شال ٻارو

جيئو شال ٻارو جيئو شال ٻارو!
تيو ديس پنهنجي جا رکوال ٻارو!

محبت ۽ ايکي سان گذجي گذاريو،
اندر کي اُجاريو اندر کي اُجاريو،
سچائيءَ جا روشن ڏيئا دل ۾ ٻاريو،
محبت کان وڌ ٻيو ناهي مال ٻارو.

اوهان ئي تہ پنهنجي وطن جا سهارا،
ترقيءَ طرف وک وڌايو پيارا،
۽ تعليم سان کريو روشن هي چارا،
کٽو پهريون نمبر پيا هرسال ٻارو.

قدم جيئن چُمي يار ايندڙ زمانو،
هلي جيئن هرجا اوهان جو فسانو،
هي "بيخود" جون ڳالهيون مڃيو مهربانو،
اوهان سان هجي شل ماضي، حال ٻارو.

# سنڌو دريا

سنڌو درياءُ زنده باد،
سنڌ ڪري تو جو آباد.

هن جون موجون، زنده باد،
هن جون لهرون، زنده باد.

هن جو پاڻي شربت آ،
تنهن سان ڏاڍي چاهت آ.

وهندو رهندو هي درياهُ،
سنڌو درياءُ سان آهي چاهُ.

# اسڪول

اسان جي ڳوٺ جو اسڪول پيارو آ،
سراسر سونهن وارو هيءُ سارو آ.

انهيءَ ۾ ئي اسين پڙهندا بہ آهيون،
انهيءَ ڪي ئي اسان تا يار چاهيون.

اسان اسڪول ۾ پوکيا ڪي گُلَ آهن،
گلن ڪي بارڙا ييي تا گهڻو چاهن.

اُتي ميدان ييي آهي وڏو بهتر،
اسان جت راند ييي ڪندا آهيون اڪثر.

# وقت

وقت جي پيارا ويندو آهي،
مُور نہ موٽي ايندو آهي.

وقت وڃايو مفت نہ پارو!
وقت وڏي آ قيمت وارو.

هڪ هڪ پل جو دلبر هاٽي،
ڇڏجو سارا شانُ سجاٽي.

وقت کي ڪين وڃائڻ گهرجي.
ڳالهہ "بيخود" جي ڳائڻ گهرجي.

# ڪوئل

ڪوئل تنهنجي ڪوڪ عجب آ،
تنهنجي ڪوڪڻ جو ڇا سبب آ؟

ڪاٿي تون پيو وقت رهين ٿي؟
مينهن جي منڊ ۾ ظاهر ٿين ٿي.

تنهنجو آ، آواز پيارو،
تنهنجو آ، انداز نيارو.

ايندي ڪر او ڪاري ڪوئل!
مٺڙي مٺڙي پياري ڪوئل!

# واچ

سڀ ڪي وقت ٻُڌائي ٿي،
هر هر ڏيان چڪائي ٿي.

واچن جا ٿئي قسمَ هزار،
پر او منهنجا پيارا ٻار.

هڪڙو وقت ٻُڌائن ٿيون،
ساڳيو نينهن نيائن ٿيون.

ٻانهن ۾ هن کي پايون ٿا،
ڪڏهن ڪڏهن پر لاهيون ٿا.

واچ جو آهي ڪَمُ هي خاص،
وقت جو ڏيندي آ احساس.

# برسات

ويو ڏوپجي آهي سنسار ڏِسُ،
تون برسات جا پار جنسار ڏسُ.

ٿرن ۽ برن ۾ بهاري بہ ٿي،
ختم ٿر سندي انتظاري بہ ٿي،
ڦُربدار ڪڪرن جو ڪردار ڏِسُ.

مٿيءَ سان پريل پَنَ ٿيا صاف ڏسُ،
ڪجي، پير ٿي صاف شفاف ڏِسُ،
مٿيءَ ۾ ٿي پيدا ڪا هُبڪار ڏسُ.

مٿي هُئي جا زستن تي ويئي جَمي،
جا اُٿندي ئي ڪپڙن ڪي لڳندي هُئي،
هي ماحول ٿي پيو مزيدار ڏِسُ.

# چڱن جي سنگت

چڱو تي بنائي چڱن جي سنگت،
بُرو تي بنائي بُرن جي سنگت.

چڱن جي سنگت ۾ چڱا ڪمَ تين،
بُريون تا صلاحون بُرا ئي ڏين،
تي جوڪو ڏئي بي سُرن جي سنگت.

چڱا ماڻهو آهن گُلن جي مثال،
جي خوشبو ڏين تا پيا لازوال،
گُلن سان نهي تي گُلن جي سنگت.

چڱن ساڻ جيڪو بہ رهندو سدا،
ڪندو حاصل عزت سدائين ادا،
سُٺي آهي سچ پچ سُٺن جي سنگت.

—

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽجاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)